# 6 ماٺ

پڙهو، ڳايو، سمجهو.

ماٺ جي هڪ لفظ ۾، سڀني سُکن جو سار آ،
”م“ ۾ آ ماکي مليل، ”ٺ“ ۾ سمايل ٺار آ.

ٺِي ماٺ ۾ ڏرتي هلي، ماٺِ ۾ سج چنڊ ڦِرن،
ٿا بِنا آواز جي، قانون قدرت جا چُرن.

ماٺِ ۾ گُلشن ٽڙي، ۽ ماٺ ۾ گل ڦل ڪِلي،
آ اُها چوکي چَڱي، جا ماٺ ۾ مَحِفل هلي.

آ سدا سپ ڪان سُني، مُٺ پڪوڙيل ماٺِ جي،
ڳالهہ جي نِڪري اَندر مان، ٿي بُرائي بات جي.

ٿو ماٺِ ۾ مالڪ ملي، ماٺ ۾ ڪَرِ بَندگي،
هُل هنگامي ڪان پري، ڪاٺ پنهنجي زندگي.



## نوان لفظ

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ماٺ | خاموشي، سانت | بندگي | عبادت، پوڄا | ٺار | ٺڏاڻ، |
| هُل هنگامو | گوڙ شور | گلشن | باغ | ڪاٺ | گذار |
| ڪلڻ | ٽڙڻ، وڌڻ | پڪوڙي رکڻ | بند ڪري رکڻ | بات | ڳالهہ |

# اَڀياس

**سوال.١. هيٺين جا هڪ جملي ۾ جواب لکو.**

١) ماٺِ جي لفظ ۾ ڪهڙو سارُ آ؟
٢) قدرت جو قانون ڇا آهي؟
٣) مُٺ کُلڻ سان ڇا ٿو ٿئي؟

**سوال.٢. هيٺين سوالن جا ٻن ٽن جملن ۾ جواب لکو.**

١) گلشن جي محفل ڪيئن هلندي آهي؟
٢) مالڪ ڪيئن ملندو آهي؟

**سوال.٣. ڏنگين مان صحيح لفظ چونڊي خال ڀريو.**

١) تي ماٺِ ۾ .................... هلي، ماٺ ۾ ................ ڦِرن.
(سج چنڊ، ڌرتي، سج، چنڊ، گرهه)
٢) آ سدا سڀ ڪان .................، مُٺ ڀڪوڙيل ماٺِ جي.
(خراب، غلط، سني)
٣) ................... ڪان پري، ڪاٿ پنهنجي زندگي.
(گوڙ شور، هُل هنگامي، شانت)

**سوال.۴. هيٺين لفظن مان ساڳي معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ٺاهيو.**

| | |
|---|---|
| ماٺ | ڏيرج |
| قانون | باغ |
| گلشن | گوڙ شور |
| هنگامو | خاموشي |
| صبر | قاعدو |

# پورڪ اَڀياس

١) شعر بند تي مشغولي.

ماٺ ۾ گلشن .................... برائي بات جي.

(الف) سدا لفظ جو ساڳيءَ معنيٰ وارو لفظ. [ ]

(ب) ڏنل لفظن جا ضد : سُني ―― اَندر


[ ] [ ]

(ت) ’محفل‘ لفظ کڻي ڪو جملو لکو.

٢) بيت ۾ ڏنل هم آوازي لفظن جا ٽي جوڙا لکو.

٣) ماڪيءَ جي مک بابت ڄاڻ حاصل ڪري لکو.

۴) بيت ۾ ڏنل ماٽ سان لاڳاپو رکندڙ قدرتي شين لاءِ هينئون خاڪو پورو ڪريو.




ڏسو، جاچيو ۽ پڙهايو.

ايڪلويه ۽ دروڻاچاريه

هنومان ۽ وانر سينا



- شاگرد چتر ڏسي اُنهن جي باري ۾ آکاڻي / قصو مائٽن / اَڏياپڪن / اِنٽرنيٽ دواران ٻُڌي / پڙهي اَچي ڪلاس ۾ پڙهائيندا.